# ڀارتيه سنوڌان

## باب - چوٿون الف

## بنيادي فرض

**قلم 51A**

**ٻُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرش ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ڀ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٺ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٿ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ث) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٽ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

چاپو پهريون : ۲۰۱۷

© مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-۴۱۱۰۰۴
مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبہ ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٽي نٿو سگهجي.

سڌاريل چاپو :2022

| | | |
|---|---|---|
| سنڌي ڀاشا سمتي ۽ اَڀياس ڳٽ سمتي | : | ڊاڪٽر ديال 'آشا' سياپتي<br>شري اَشوڪ ڪملداس مکتا ميمبر<br>شريمتي ميران مهيش ګدواڻي ميمبر<br>شري وجيہ راجڪمار منگلاڻي ميمبر<br>شري گووردن شرما 'گهايل' ميمبر<br>شريمتي راجيشري جينانند ٽيڪچنداڻي ميمبر<br>شريمتي ڪاجل اَنيل رامچنداڻي ميمبر |
| سنيوجڪ | : | شريمتي ڪيتڪي جاني<br>(اِنچارج وشيش اَڌڪاري سنڌي) |
| سنيوجڪ سهايہ | : | شريمتي گيتا ګٽيش ناڪر<br>(ڪاپي رائيٽر، سنڌي) |
| ٽائيپ سيٽنگ | : | ڪرشنا اِنٽرپرائيز، ڪئمپ، پوني<br>اَنيتا ماکيجا، جانڪي موٽواڻي M.:3131773289 |
| چترڪار | : | ڪماري سوپنالي وجيہ ڪمار اُپاڌيہ |
| نرمتي | : | شري سچيتانند آڦڙي (مکيہ نرمتي آفيسر)<br>شري سنديپ آجگانوڪر (نرمتي اَڌڪاري) |
| پرڪاشڪ | : | شري وويڪ اُتم گوساوي،<br>پاٺيہ پُستڪ نرمتي منڊل،<br>پرڀاديوي، ممبئي - ۲۵. |
| ڪاغذ | : | ۷۰ جي. ايس. ايم. ڪريم وو |
| پرنٽنگ آرڊر | : | N/PB/2022-23/Qty. |
| ڇاپيندڙ | : | M/s |

سرڪاري فيصلو نمبر: اڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦/ ٤٣) ايس.ڊي.٤. تاريخ ٢٥.٤.١٦ موجب اسٿاپت ڪيل
ڪو آڊرينٽينگ ڪاميٽيءَ جي تا. ٣.٣.١٧ جي ميٽنگ ۾ هي درسي ڪتاب طيءِ ڪرڻ لاءِ مختصر منظوري ڏني ويئي.



# سِنڌُو ڀارتي

## درجو ستون

## سِنڌِي

٢٠١٧

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و
اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ١٩٤٩ جيِ ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَن گڻ مَن اَڌينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَت ڀاڳيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وِڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرِتگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن متن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو

توهان سڀني جو درجي ستين ۾ سواگت آهي. هن ڪان اڳ واري درجي ۾ ٻه توهان سنڌو ڀارتي ڪتاب پڙهيو آهي. درجي ستين جو هي درسي ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسان کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

دوستو سنڌي ٻولي سٺي نموني ڳالهائڻ ٻولهائڻ اچڻ لاءِ اوهانجو لفظن جو خزانو چڱو هجي. ان لاءِ هن درسي ڪتاب جون آکاڻيون، گفتگو، سبق - ڪوتائون گيت پڙهي نوان نوان لفظ، اصطلاح، چوڻيون سکڻ لاءِ ملنديون. اسان کي ائين ٿو لڳي تہ هي ڪتاب پڙهي توهانجو ماتر ڀاشا لاءِ پيار وڌي.

توهانکي وڏي ان لاءِ درسي ڪتاب ۾ لفظن جي راند، ڳجهارت، مات ۾ پڙهو. پاڻ ڪريان. پاڻ سکان، چتر جاچيو، ٻڌايو، جملا بدلائي لکو. اهڙي نموني جو انيڪ مشغوليون ڏنيون آهن. ساڳي نموني وياڪرڻ جا الڳہ الڳہ روپ سؤلي نموني ڏنا ويا آهن. ان ڪان سواءِ نئين نموني جي بدلاءُ ڳالهائڻ ۽ لکڻ جو موقعو مليل آهي. توهان کي موبائيل، ڪامپيوٽر سؤلائي سان واپرائڻ اچي ٿو. هن تڪنيڪ جو ابياس ۾ اُپيوگہ ٿي. ان نظريي سان ڪجهہ مشغوليون ڏنل آهي سنڌي ڀاشا سکڻ وقت اُن مان ڪجهہ سکڻ. سماجڪ مسئلا سمجهڻ ۽ اُهي حل ڪرڻ لاءِ اُڻ تڻ هجي. اِهو بہ اهميت وارو آهي. ان نظريي سان درسي ڪتاب ۾ آيل سبق، مشغولي ۽ ابياس جو ويچار ڪريو.

هي درسي ڪتاب توهان کي وڻيو چا، اهو اسان کي ٻڌائيندا. توهان سڀني کي شڀ ڪامنائون.

(ڊاڪٽر سُنيل مگر)

سنچالڪ

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي وَ اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پڻي:

تاريخ ٢٨ مارچ ٢٠١٧، چيتي چنڊ

ڀارتيہ سوريہ: ٧ چيت ١٩٣٩

## درجو ستون سنڌي

| سکڻ سيکارڻ جي پرکريا | علمي حاصلات |
| --- | --- |
| سکندڙن کي ٻن يا گروپس / اَکيلي ۾ وجھه ڏنا وڃن ۽ همٿايو تہ...<br>• گھر، پسگردائيءَ ۾ آزمودو آيل، ڏنل گھٽنائن، قصن بابت ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪرائي. پنهنجا ويچار ٻڌائڻ جو موقعو ڏيو.<br>• اَخبارون، مخزن، ۽ ٻيا ساهتيہ جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ اُتساهہ ڏياريو، ۽ پڙهيل ڳالهين جھڙوڪ راندين، ميلن ۽ منورنجن، وگيان بابت ٻڌائڻ لاءِ همٿايو.<br>• گيت بيت سُرتال سان ٻڌائڻ لاءِ پاڻ ڳائي يا سي. ڊي دواران ٻڌڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏيو ۽ ڪين ڪو وشيہ ڏيئي ننڍا گيت، ڪويتائون پنهنجي ڪلپنا سان ناهي ٻڌائڻ لاءِ چئو.<br>• ناٽڪ ۾ الڳ الڳ ڪردار ڏيئي اَداڪاري ڪري ناٽڪ پيش ڪرڻ جو موقعو ڏيو.<br>• ڪو وشيہ ڏيئي اُن تي خط، ننڍا مضمون آکاڻي، پنهنجا ويچار ٻڌائڻ يا لکڻ لاءِ ڏيو.<br>• ڪنهن ڳالهہ جي شروعات ڪري، يا ڪي ڪردار ڏيئي آکاڻي، قصو، گھٽنا، گفتگو لکڻ لاءِ ڏيو.<br>• ٻُڌل، پڙهيل لفظن کي سمجھڻ لاءِ ڊڪشنريءَ جو اُپيوگ ڪرڻ لاءِ همٿايو. اُهي لفظ روز مرهہ جي ڳالهائڻ ۾ نهڪندڙ نموني ڪتب آڻين اَهڙا عمدا مثال ڏيو.<br>• ڀاشا جي ليکن کي وڌيڪ عمدو ٺاهڻ لاءِ اِصطلاح، چوڻيون ڪم آڻڻ لاءِ سُجھايو.<br>• ڀاشا جي الڳ الڳ جيئن صفت، اِسم، ضمير، فعل، حرف جر، حرف جملو، ساڳي معني وارا لفظ، هم آوازي لفظ وغيره سمجھائي اُپيوگ ڪرڻ لاءِ عمدا مثال ڏيو.<br>• اَهڙا قصا ۽ ڪهاڻيون، آکاڻيون پڙهڻ لاءِ همٿايو يا ٻڌايو جنهن سان ديش پريم جي ڀاونا، فرض، وڏن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ، اِنتظام ۽ الڳ الڳ ڀاونائن کي سمجھڻ وغيره جھڙا ملهہ وڌي سگھن.<br>• ڪلاس ۾ درسي ڪتاب يا ٻين ڪن ڪتابن مان ڪو مذڪور صحيح رفتار سان، سمجھي ڪري پڙهڻ جو موقعو ڏيو.<br>• اِنٽرنيٽ / يوٽيوب ذريعي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏيو. | سکندڙ:<br>• 07.LQ.01 گھر، پسگردائيءَ سماج ۽ ڪلاس ۾ غيرروايتي ۽ روايتي نموني الڳ الڳ وشين جي گفتگو، بحث مباحثي ۾ پنهنجا ويچار پختائيءَ سان رکيتو.<br>• 07.LQ.02 گيت، بيت، گروپ گيت لئہ تال ۽ سُر ۾ ڳائي ٿو. پنهنجي ڪلپنا سان ڪنهن وشيہ تي ڪويتا، مضمون خط، آکاڻي پنهنجن لفظن ۾ لکي ٿو.<br>• 07.LQ.03 ساهتيہ جا جدا جدا روپ پڙهي اُنکي سمجھي اُن سان پنهنجا آزمودا، ويچار پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي ٿو.<br>• 07.LQ.04 درسي ڪتاب يا ٻيا ساهتيہ جا ڪتاب، اَخبارون پڙهڻ وقت ايندڙ نون لفظن / ڏکين لفظن کي سمجھڻ لاءِ ڊڪشنريءَ جون اِستعمال ڪريٿو. اُهي نوان لفظ پنهنجي روزمرهہ جي ڳالهائڻ ۾ حالتن موجب نهڪندڙ نموني ڪتب آڻي ٿو.<br>• 07.LQ.05 الڳ الڳ مشغولين، چٽاڀيٽين جھڙوڪ ڀاشا جي راندين، گيت، بيت ٻڌائڻ، گفتگو، ناٽڪن، مضمون لکڻ، تقريرون وغيره ۾ چاهہ سان ڀرو وٺي ٿو.<br>• 07.LQ.06 اَلڳ اَلڳ ليکن ۾ ڀاشا جون چوڻيون ۽ اصطلاح سمجھي ڪم آڻي ٻوليءَ جي سونهن وڌائي ٿو.<br>• 07.LQ.07 سماج ۾ گھٽجندڙ، ٿيندڙ واقعن، قصن مسئلن کان واقف رهيتو ۽ اُن لاءِ پنهنجا رايا ڏئي ٿو.<br>• 07.LQ.8 الڳ الڳ ڀاشائن کي سمجھي ٿو ۽ اُن جو واڌارو ٿئي ٿو.<br>• 07.LQ.9 ڏنل مذڪور تي سوال پُڇي سگھن ٿا ۽ سوالن جا جواب ڏيئي سگھن ٿا.<br>• 07.LQ.10 ڏنل / اَڻ سڃاتل مذڪور صحيح لحظي، صحيح رفتار ۽ صحيح اُچار سان ٻيهڪ جي نشانين موجب پڙهن ٿا.<br>• 07.LQ.11 اِنٽرنيٽ / يوٽيوب ذريعي ڪنهن بہ وشيہ تي ڄاڻ حاصل ڪري سگھي ٿو. |

# فهرست


| نمبر | سبق جو نالو | ليکڪ جو نالو | صفحو |
|---|---|---|---|
| .١ | پرارٿنا (بيت) | گورڌن شرما ’’گھايل‘‘ | 1 |
| .٢ | ماحول | ڊا. شيام ٻنيجا ’بيقرار‘ | 3 |
| .٣ | سَچو شراڌ | --- | 7 |
| .۴ | گلزار ڪريون (بيت) | هوتو سنڌو پياسي | 10 |
| .۵ | ساڌوُ واسواڻي | ڊا. ڪنيالال ليکواڻي | 14 |
| .٦ | وِيرُ جَوانُ (بيت) | موتيرام هيرانند اڻي ’موتي‘ | 17 |
| .٧ | درخواست | --- | 20 |
| .٨ | ڪاغذ جي ڪهاڻي | ---- | 22 |
| .٩ | پَکِي (بيت) | ڊا. ديال آشا | 26 |
| .١٠ | سُنيتا جي سياٽپ | پوجا کانچنداڻي | 29 |
| .١١ | وَڻَ ٽِڻَ ۽ ٻيلا | ديپچندر تلوڪچند ٻيلاڻي | 33 |

# ١. پرارٿنا

ٻڌو. ڳايو.



اَهڙي مَهِرڪيو پڳوان،
متِي وجِي من مان اَگيان،

هردم هَلَتِ هَلون نِوڙت جي،
ڪنهنجو ڪين ڪيون نقصان.

ڪريون عِلمِ تي عمل سدائين،
ڏاترا! ڏيو اهڙو وردان.

ڪنهن سان ڪين ڪيون چِڪتاڻ،
پانيون سينِي کي سدا سمانَ.

ماڻهون مرون مڙيئي سپ جيوَ،
حاصل ڪن تنهنجا احسان

قدرت جي ڪڻ ڪڻ ۾ مالڪ،
ظاهر تنهنجو آهي شان.

**نوان لغظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| مَهِر - ديا | مِتي - دوُر ٿئي | اَگيان - اڻ ڄاڻائي | نِوڙت - حليمائي |
| عمل - وِديا | عمل - پوئواري | ڏاتر - ڏيندڙ مِرون - جانور | اَحسان - مهربانيون، ڀلايون |

## اَڀياس

**سوال - ١: هيٺين سوالن جا جواب لکو**

(١) پڳوان جي مهر سان ڇا ٿيندو؟
(٢) اَسانکي ڪهڙي هَلِت هلڻ گهرجي؟
(٣) ڏاتر کان ڪهڙو وردان گُهريو ويو آهي؟
(٤) ايشور جا اَحسان ڪنهن ڪنهن تي آهن؟
(٥) پرماتما جو شان ڪٿي ظاهر آهي؟

YN5IFB

**سوال ٢: بيت جون سِٽون پوريون ڪريو.**

(١) اَهڙي مهر ........................................ من مان اَگيان.

(٢) ڪنهن سان ڪين ........................................ سدا سمان.

(٣) قدرت جي ........................................ آهي شان.

**سوال ٣:- هينيان لفظ جملن ڪم آڻيو.**

مَهر، نِوڙت، عمل، وردان، چڪتاڻ، اَحسان

**سوال ۴: هينين لفظن جون صفتون ٺاهيو.**

اَگيان، علم، سمانتا، قُدرت، شان

**هدايت:-** ماستر پرارٿنا لئہ تال سان پڙهي ٻڌائيندو ۽ شاگردن کان چوائيندو.

**مشغولي:-** شاگرد ڪجهہ ڪتاب نظر مان ڪڍي هڪڙو پرارٿنا گيت گهران لکي ڪڍي ايندا.

## پورڪ اَڀياس

**(الف) بيت تي آڌار رکندڙ مشغوليون.**

(١) ”هردم هلت“ اِهي لفظ ساڳئي اَکر ”هہ“ سان سان شروع ٿيندڙ آهن. اَهڙا ٻيا مثال ڳولهي لکو.

(٢) علم ۽ عمل ۾ فرق لکو.

(٣) ”وردان“ جا هم آوازي لفظ لکو.

(۴) ”ڀڳوان“ جا ساڳئي معنيٰ وارا لفظ ڳولهي لکو.

**(ب) هينين بيتن جي سٽن کي نثري روپ ۾ لکو.**

(١) ڪنهنجو ڪين ڪيون نقصان

(٢) حاصل ڪن تنهنجا اَحسان

(٣) ظاهر آهي تنهنجو شان

(۴) ڏيو اَهڙو وردان


## پاڻ ڪريان - پاڻ سِکان

(١) مٿئين ۽ هيٺئين گول ۾ ساڳيو اَکر رکي جدا جدا لفظ تيار ڪريو:-

| مثال | (١) | (٢) | (٣) | (۴) | (۵) |
|---|---|---|---|---|---|
| ت | | | | | |
| خ | ل | ڻ | ڙ | ر | پ |
| ت | | | | | |

# ٢. ماحول

ٻڌو. پڙهو. سمجهو ۽ عمل ۾ آڻيو.



ڳوٺن ۾ روزگار جا وَسِيلا پورا ميسر نہ هوندا آهن. ڳوٺن جا روهواسي اِن ڪري پنهنجي آجيوڪا لاءِ شهرن ڏانهن ويندا آهن. ڪين اُتي ڪنهن ننڍي وڏي ڪارخاني يا ڪنهن آفيس ۾ نوڪري ملي ويندي آهي. ڪي ڳوٺاڻا وري مزوري ڪري يا هٿ گاڏي هلائي، شيون وڪڻي پنهنجو پيٽ پالِن ٿا. شهرن جي آدمشماري وڌندي رهي ٿي ۽ اُهي وڏيڪ ڳُتيل بڻجندا وڃن ٿا. ڳوٺن جي هَوا شُڌُ، وڻندڙ ۽ صحت بخش هوندي آهي. شهرن ۾ تازي هوا مُشڪل ملندي آهي، انڪري شهري ماڻهو اَڪثر بيمارين ۾ مُبتلا هوندا آهن.

شهرن جي صاف هوا کي جيڪي عَناصر خراب ڪن ٿا، اُهي آهن:

- ڪارخانن مان نڪرندڙ دوُنهون ۽ زهريليوُن گئسوُن.
- بَسين، موٽر گاڏين ۽ ٻين واهڻن جو دوُنهون.
- آمدرفت سبب ڦهلجندڙ مٽي ۽ اُڏامندڙ دَزَ.

اَڪثر ڏٺو ويو آهي تہ شهرن جي پسگردائيءَ ۾ ڪيترائي ڪارخانا هوندا آهن، جن جو دونهون رات ڏينهن هوا کي خراب ڪندو رهي ٿو. اِن ڪانسواءِ ڪارخانن مان نڪرندڙ ڪيميائي پدارٿن سبب ٿيل گندو پاڻي، جنهن بہ نديءَ يا نالي ۾ پوندو آهي، اُنهن جو پاڻي بہ خراب ٿي پوندو

آهي. اُهو پاڻي پيئڻ تہ پري، پر ٻين ڪمن لاءِ بہ ڪارگر نہ هوندو آهي. اُهو پاڻي بَدِبوءِ ڦهلائي هوا کي خراب ڪندو آهي.

اَڄ هر شهر ۾ موٽرڪارون، موٽر سائيڪلون، اِسڪوٽر، آٽورڪشائون پڻ وڌنديون رهن ٿيون. اُنهن واهڻن جي دونهين ڪري بہ وايو منڊل اَشُڌِ بڻجي ٿو.

شهرن ۾ اَهڙو ڪو رَستو مشڪل مِلندو، جتي آمدرفت سبب دونهين سان گڏ مٽي نہ اُڏامندي هجي. اُها مٽي ۽ دَز گهرن، دوڪاندارن چاهي راهگيرن لاءِ نقصانڪار ٿئي ٿي.

هوا جي اَشُڌتا سبب شهري ماڻهن جي تندرستي بگڙجي ٿي. اِهوئي ڪارڻ آهي جو اَڄ جي شهري واتاوَرڻ ۾ زڪام، کنگهہ، سهڪو ۽ ٽي.بيءَ جهڙيون بيماريون عام بڻجي پيون آهن.

ڀارت سرڪار طرفان وايومنڊل کي شُڌِ رکڻ لاءِ الڳ وڀاڳُ قائم ڪيل آهي. ڪارخانن واري ايراضي شهر کان ٻاهر مُقرر ڪئي ويئي آهي.

هيٺ ڄاڻايل اُپاوَ عمل ۾ آڻڻ سان شهري ماحول کي ڪي قدُر شُدِ رکي سگهجي ٿو.

هر شهر ۾ جڳهہ جڳهہ تي وڻ پوکيا وڃن، جيئن هوا صاف ٿيندي رهي. ڪارخانن جو ڪيميائي پدارٿن وارو پاڻي ندين، نالن ۾ شڌيڪرڻ ڪريا ڪرڻ کانپوءِ ئي ڇڏڻ گهرجي. رستا سُٺا ۽ ويڪرا هئڻ گهرجن تہ جيئن مٽي گهٽ، اُڏامي. موٽر واهڻ گهٽ ۾ گهٽ دونهون ڦهلائين، اِن لاءِ اُنهن جي وقت بہ وقت ڇَڪاس ڪرڻ گهرجي.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| وايومنڊل = واتاورڻ، ماحول | آجيوڪا = روزي روٽي | وسيلا = ساڌن، |
| عَناصر = جُزا | ڪارگر = ڪمائتو | پسگردائي =آس پاس. |
| مُبتلا = ڦاٿل (ورتل) | شڌيڪرڻ = صاف ڪرڻ. | |

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو:-**

١) ڳوٺن جا رهواسي شهرن ڏانهن ڇو ٿا وڃڻ چاهين؟

٢) ڳوٺن جي آبهوا ڪهڙي هوندي آهي؟

٣) شهر وڏيڪ ڳتيل ڇو ٿا بڻجدا وڃن؟

٤) وڻن پوکڻ مان ڪهڙا فائدا آهن؟

٥) شهرن جي آبهوا خراب ڇو ٿئي ٿي؟

٦) ماحول کي شڌ ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اُپاو ٻڌايا ويا آهن؟

**سوال ٢: هيٺين جا ضد لکو:-**

شڪ، بدبوءِ، ويڪرا، نقصان

**سوال ٣: هيٺين جون صِفتون ٺاهيو:**

صحت، زهر، شهر، تندرستي،

**هدايت:** ماستر شاگردن کي ٻڌائيندو ته صحتمند زندگيءَ لاءِ ڇا ڇا ضروري آهي.

**مشغولي:** توهان پنهنجي ماحول کي صاف سُٿرو رکڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ وٺندا؟ لکو.

## پورڪ اَڀياس

**(١) مثال موجب خاڪو پورو ڪريو.**

| | جملو | صحيح | غلط |
|---|---|---|---|
| | **مثال:-** وڻ ٻوٽا شهر جا ڦڦڙ آهن. | ✓ | ✗ |
| .١ | واهڻن جي وقت به وقت ديکڪ - ڀال ڪرڻ گهرجي. | | |
| .٢ | ندين جي ڪنارن تي واهڻ ڌوئڻ گهرجن. | | |
| .٣ | واهڻن جي غلاظتن جو اَنداز PUC (Pollution under controll) دواران چڪاس ڪرائڻ گهرجي. | | |
| .۴ | جهنگلن کي ناس ڪرڻ سان برسات پوي ٿي. | | |
| .۵ | ڪارخاني وارن کي پنهنجي پسگردائيءَ ۾ وڻ پوکڻ گهرجن. | | |
| .٦ | ڪاڏي رڌڻ لاءِ ڪاٺيون نه ٻارڻ گهرجن. | | |
| .٧ | ٽرئفڪ سگنلن تي واهڻن کي چالو ڪري نه رکڻ گهرجي. | | |
| .٨ | هوا جي غلاظتن سبب ڪالرا جي بيماري ٿئي ٿي. | | |

**(٢) سبق مان اَهڙا پنج سنڌي لفظ ڳولهي لکو، جيڪي هِندي ڀاشا ۾ به ساڳيا لفظ ڪم آڻجن ٿا.**

**مثال :-** شُڌ، هوا....

**(٣) گوڙ شور - آواز جي غليظائيءَ بابت پنج - ست جُملا لکو.**

## فعل

فعل اُهو لفظ آهي. جنهن مان هئڻ، ڪرڻ، سهڻ يا ٿيڻ جي معنيٰ نڪري. فعل ڪانسواءِ جملو ڪابہ معنيٰ نہ ڏيکاري سگهندو آهي.

١) مثال طور:- نانڪ اَنب کائي ٿو.
هِن ست ۾ فعل آهي کائي ٿو. اِهو فعل کائڻ جو ڪم ٻڌائي ٿو.

٢) جمنا خط لکيو. (هن ست مان ڪرڻ جي معنيٰ نڪري ٿي.)
هن ست ۾ فعل آهي لکيو. اِهو فعل لکڻ جو ڪم ٻڌائي ٿو.

### هيٺ ڏنل جملن مان فعل چونڊي لکو:-

١) جادوگر کيل ڏيکاري ٿو.
٢) رام ممبئي گهمڻ ويندو.
٣) شڪاريءَ شينهن ماريو.
٤) سنيتا ڏاڙهون خريد ڪيا.
٥) هِرڻي ڊوڙي ٿي.
٦) نيتا زيتون کاڌو.
٧) ڇوڪريءَ سبق پڙهيو.

---

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

’دورانديش‘ لفظ ۾ سمايل اَکرن مان ڪيترائي نوان لفظ ٺهي سگهن ٿا. اَهڙا نوان لفظ ڪم آڻي هيٺيان خال پريو.

مثال: بيمار ٿيڻ تي ڊاڪٽر مريض کي <u>دوا</u> ڏيندو آهي.

١) راجيش جو ڪرڪيٽ ------ ۾ شوق آهي.
٢) ------ تي ڪڙڪو ٻُڌي مان تڪڙو ويس.
٣) وقت نہ وڃاءِ اسڪوُل ۾ ----- ٿي ويندءِ.
٤) جهڙو ------ تهڙو من.
٥) اسانجي ------ جو نالو ڀارت آهي.
٦) اسانکي هميشهہ پنهنجي ديش جو ----- وڌائڻ گُهرجي.
٧) ٽي-وي. ريڊيو، سنيما گهر ----- جا وسيلا آهن.
٨) تيز برسات سبب فوٽ بال جي راند ----- ڪئي ويئي.
٩) ٻُڌاپي ۾ رما بائيءَ جي ----- گهٽجي ويئي.
١٠) ٻُڍاپي ۾ ----- سفيد ٿي ويندا آهن.

# ٣. سچو شراڌ

ٻُڌو. پڙهو ۽ سمجهو:



سنت ايڪناٿ جي پيءُ جو شراڌ هو. برهمڻن کي کارائڻ لاءِ هن اَنيڪ سوادي طعام تيار ڪرايا ۽ پوءِ برهمڻن کي نيوتو موڪليائين. هينئر هو برهمڻن جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ايتري ۾ هن ڏٺو ته هڪ نهايت ئي غريب ماڻهوُ ڦاٽل ڪپڙن ۾، سندس سامهون بيهي چئي رهيو آهي ”سائين، مان ڪيترن ڏينهن کان بکايل آهيان. مون تي ديا ڪريو نه ته مان بکه وچان مري ويندس.“

”اَچ پيارا اندر اَچ.“ سنت ايڪناٿ هن کي آسڻ تي وهاريو ۽ پيٽ ڀري ڀوڄن ڪرايو. هو ڀوڄن ڪري ئي رهيو هو ته ايتري ۾ برهمڻ به سندس پيءُ جو شراڌ کائڻ لاءِ اَچي پهتا. سنت ايڪناٿ اَڳيان اَچي، اُنهن جو سواڳت ڪيو.

برهمڻ اِهو ڏسي بيحد ڪاوڙجي ويا ته شراڌ لاءِ تيار ڪيل ڀوڄن، هُنن کان اَڳه ڪو مسڪين کائي رهيو هو.

اَسانکي پنهنجي پترن جي شانتيءَ لاءِ گهرايو اٿيئي يا اَسان جو اپمان ڪرڻ لاءِ، برهمڻ ٻڙ ٻڙائڻ لڳا. ايڪناٿ هٿ جوڙي چوڻ لڳو، ”برهمڻ ديوتا، هيءُ غريب بکه ۾ پاهه ٿي رهيو هو. هن کي ڀوڄن

نہ ڪرائي، مهاپاپ جو ڀاڳي ٿيان ها. توهان اُها ڳالهہ چڱي ڏيو ۽ اَندر اچي آرام سان ڀوڄن ڪريو.``

”نہ، اَسين بکيائي وچي رهيا آهيون. هينئر تنهنجا پتر بہ بکہ مرندا. تون نرڪ ۾ ويندين.``

برهمڻ ڪروڌ وچان، ايڪنات کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا، اُٺان بنا ڀوڄن ڪرڻ جي وڃڻ لڳا.

اَچانڪ غريب بکايل جي چهري تي هڪ شڪل اُڀري آئي سيني ڏٺو تہ اُها سنت ايڪنات جي پتا جي شڪل هئي.

ايڪنات موٽي ويندڙ برهمڻن کي چيو، ”مان هن غريب کي ڀوڄن ڪرائي پوريءَ طرح ترپت آهيان.``

غريب جي چهري تي سنت ايڪنات جي پتا جي شڪل ڏسي، اُنهن براهمڻن جو گهمنڊ چوُر چوُر ٿي ويو.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| طعام - کاڌا | بکہ ۾ پاهہ ٿيڻ - بکہ ۾ مرڻ | مسڪين - غريب |
| چوُر چوُر ٿيڻ - ناس ٿيڻ | گهمنڊي - اَيماني | پتر - سرڳواسي مائٽ |

## اَڀياس

**سوال ۱:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:-**

۱) سنت ايڪنات پيءُ جو شراڌ ڪيئن ڪيو؟

۲) برهمڻ ڇو ڪاوڙجي ويا؟

۳) ايڪنات برهمڻن کي ڪهڙي وينتي ڪئي؟

۴) برهمڻن جو گهمنڊ ڪيئن چوُر چوُر ٿي ويو؟

**سوال ۲: هيٺيان جملا ڪنهن ڪنهن کي چيا آهن؟**

۱) ”مونتي ديا ڪريو نہ تہ مان بکہ وچان مري ويندس.``

۲) ”پنهنجي پترن جي شانتيءَ لاءِ گهرايو اٿيئي يا اَسانجو اپمان ڪرڻ لاءِ؟``

۳) ”هينئر تنهنجا پتر بہ بکہ مرندا. تون نرڪ ۾ ويندين.``

۴) ”مان هن غريب کي ڀوڄن ڪرائي پوريءَ طرح ترپت آهيان.``

**سوال ۳: خال ڀريو.**

۱) سنت ايڪنات جي پيءُ جو -----هو.

۲) برهمڻ اِهو ڏسي بيحد ----- ويا.

۳) برهمڻ اِهو ڏسي بيحد ---- ويا.

۴) توهان اُها ڳالهہ چڱي ڏيو ۽ اندر اَچي ----- سان ڀوڄن ڪريو.

۵) اَچانڪ غريب بکايل جي ----- تي هڪ شڪل اُڀري آئي.

**سوال ۴ الف: هيٺين جا ضد لکو:-**

(۱) غريب (۲) پاپ (۳) شانتي (۴) اَڳيان (۵) نرک

**ب: هيٺين جي جنس بدلايو:-**

(۱) سنت (۲) نوکر (۳) پيءُ (۴) ماسي (۵) برهمڻ

**ٿ : ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو:-**

| | |
|---|---|
| ۱) ڪاوڙ | ۱) اوچتو |
| ۲) اَچانڪ | ۱) غريب |
| ۳) مسڪين | ۳) کاڌو |
| ۴) طعام | ۴) غصو |

**هدايت :-** ماستر ٻارن کي اَنڌ وشواس ڪان پري رهڻ جي نصيحت ڏيندو.

**مشغولي:** اَڄ سماج ۾ اَنڌ وشواس جوُن ڪهڙيون ڳالهيوُن آهن، اُها ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

## پورڪ اَڀياس

سبق جي ٽڪر تي مشغوليون

برهمڻ ڪروڌ وچان ------------------------- گهمنڊ چُور چُور ٿي ويو.

**(الف) برئڪيٽ ۾ ڏنل هدايت موجب جملا لکو:-**

۱) سيني ڏٺو (ڏٺو لفظ بدران 'نظر' لفظ ڪم آڻي جملو وري ٺاهي لکو.)

۲) اُنهن برهمڻن جو گهمنڊ چُور چُور ٿي ويو. (ليڪ ڏنل لفظن بدران ٻيا مناسب لفظ لکي جملو وري ٺاهي لکو.)

۳) برهمڻ ڪروڌ وچان، ايڪنات کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا، اُتان بنا يوجن ڪرڻ جي وڃڻ لڳا. (اِن جملي ۾ ''ڪانسواءِ'' لفظ ڪم آڻي جملو وري لکو.)

(۴) اِها سنت ايڪنات جي پتا جي شڪل هئي (ليڪ ڏنل لفظ گرامر موجب سڃاڻو.)

**(ب) ٽڪر مان اِسم، فعل، ضمير ڳولهي لکو.**

**(ٿ) هيٺ ڏنل مهان هستين کي سڃاڻو ءِ اُنهن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري لکو:-**



# ۴. گُلزار ڪريون

پڙهو. ڳايو.






اَچو تہ جَڳُہ گلزار ڪريون،
پريتِ پريو وهنوار ڪريون.

مالڪ جي سنتان اَسين سڀ،
سڀ سان پيار ئي پيار ڪريون،.

سرڳہ بڻايون پونء جهان جي،
ماتا جو سينگار ڪريون.

پاڻ وَٽون جئن ساري جَڳ کي،
راهہ اُها اِختيار ڪريون.

مانوتا جي مَذر مُشڪ سان،
روح سدا ٺمتار ڪريون.

**نوان لفظ:**

گلزار = باغ
سنتان = اؤلاد
اِختيار ڪرڻ = اَپنائڻ
مانوتا = اِنسانيت.
پونء = ڌرتي،

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

۱) اسين جڳہ سان ڪهڙو وهنوار ڪريون؟
۲) اسين سڀ ڪنهنجي سنتان آهيون؟
۳) جَهان کي ڇا بڻايون؟
۴) روح کي ڇا سان ٺمتار ڪريون؟

**سوال ۲: بيت جي آڌار تي سٽون پوريون ڪريو.**

۱) مالڪ جي ---------------------------------------- پيار ڪريون.
۲) پاڻ وٽون ---------------------------------------- اِختيار ڪريون.
۳) مانوتا جي ---------------------------------------- ڪريون.

**سوال ۳: هيٺ ڏنل لفظ جُملن ۾ ڪم آڻيو.**

پريت، سنتان، سرڳہ، سينگار، مُشڪ، روح

**هدايت:** ماستر شاگردن کي هيءُ بيت اَثرائتي نموني پڙهي ٻُڌائيندو ۽ چوائيندو.

**مشغولي:** ماستر شاگردن کي چوندو ته ”اَسان کي ماتر پوميءَ لاءِ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي.“ وشيہ تي گهران اَٽ جملا لکي اَچن.

## پورڪ اَڀياس

**(١) هيٺ ڏنل بيت جي سٽن کي نثري روپ ۾ لکو:-**

١) پاڻ وَٽون جئن ساري جڳہ کي

٢) مالڪ جي سنتان اَسين سڀ

٣) سرڳہ بڻايون پوںءِ

٤) راهہ اُها اِختيار ڪريون.

**(٢) هيٺ ڏنل ٽڪر ۾ مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:-**

**جڳہ، مُشڪ، مٽر، گلزار، ماتا، پريت**

اَڄ سيتا ڏاڍي خوش هئي.
هڪ -------.. جي مندر ۾ هوءَ
هڪ ------ گيت ڳائڻ واري هئي.
جلدي جلدي تيار ٿي، پنهنجي
گهر جي ----- مان گلاب جو گُل پٽي،
منهن تي ------ آٽي،
اُن ------ جي رکوالي کي
ياد ڪري، هوءَ مندر ڏانهن رواني ٿي.

**(٣) بيت مان حاصل ٿيندڙ گهٽ ۾ گهٽ پنجن گڻن بابت لکو:-**

**(٤) هيٺ ڏنل لفظن مان هم آوازي لفظ، ساڳئي اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ۽ هڪ ٻئي جا، اُبتڙ لفظ - اَهڙا جوڙا چونڊي لکو:-**

سرڳہ، جهان، جڳہ، اِختيار،
مشڪ، راهہ، پيار،
نفرت، مِٺو، تمتار،
گلزار، مانوتا، نرڳہ،
واهہ، ڪٿو، روح، خالي، وهنوار،

# پاڙ ڪريان - پاڙ سڪان

١. هيٺين لفظن جا لاڳاپو رکندڙ لفظ لکو.

مثال:-

وڻ: ٽاري، گل، پن، ميوا، پاڙ، ٿڙ

عمارت

ڪمل جو گل

مائٽ

٢. ڏسو. جاچيو ۽ ٻڌايو:-

٣. ماستر شاگردن کي مومل راڻو ۽ ليلا چنيسر سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ٻڌائيندو. ۽ شاگردن کي پنهنجي لفظن ۾ ٻڌائڻ لاءِ چوندو.



**۲. مثال ڏسي خاڪو پورو ڪريو.**

**مثال:- ٻن ڦيٿن واري گاڏي - ٻہ ڦيٿي گاڏي.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| جتي چار رستا ملندا آهن. | | ماما جو پٽ | |
| جتي ٽي رستا ملندا آهن | | پيٽ جي ڌيءَ | |
| ڏهن سالن جو مُدو | | جيڪو ماڻهوُ کاٻي هٿ سان ڪم ڪري | |
| سؤ سالن جو مُدو | | جنهن شيءِ جي ڌار تيز نہ هُجي | |
| ست ڏينهن | | ماڻهن وچ ۾ ٽيندڙ ڳالهہ ٻولهہ. | |
| گهڻو ڳالهائيندڙ ماڻهوُ | | جنهن شيءِ جي آر پار ڏسي سگهجي. | |

(۳) 'ڏاڙهي' لفظ مان اَکر چونڊي نوان لفظ ناهي هيٺ ڏنل جملن ۾ ڪم آڻي خال ڀريو.

۱) تمامِ گهڻو ڪم ڪري منهنجو ----- ٿو ڪڙڪي.

۲) ڇڏ اَياڻپ، ----- ٿيءُ.

۳) ڌوٻيءَ ڪپڙن جي ------ هيٺ رکي.

۴) رام چيو ------ منهنجا ڪتاب آهن.

۵) ڪتي جي ----- ٻڌي ٻار ڀڄي ويو.

## ڀرولين سليو

(۱) پاڻيءَ ٻنُ مان ڪجهہ ٻي ناهيان،
تہ بہ پاڻيءَ تي ترندي آهيان.





(۲) جهونو ٿيندو وڃي مَڪانُ،
اندر وينل سدا جوانُ،

(۳) وَڻَ تي آهي، پنڇي ناهي؛
ڏاڙهي آهي، قاضي ناهي،
ڀاڻي ڇلڪي، برتن ناهي؛
چمڙ مرڙ تي گهربل آهي.



(۴) ڀينر ڀيئي ڀياريون ڀياريون؛
ساري جڳ کي جاچڻ واريون،
هڪ ٻئي جي ڀرسان ئي گهارِن؛
مگر تڏهن ٻي ڌار گذارن.




جواب: (۱) برف (۲) فوٽو (۳) ناريل (۴) اَکيون

ٻڌو، پڙهو ۽ لکو:-

# ٥ - ساڌو واسواڻي

YNX6K9




صدين ۾ ڪي ورلي اهڙا مهاپرش پئدا ٿيندا آهن. جيڪي هن جڳ ڪي سچ ۽ پريوءَ جي روحاني راهه ڏيکاريندا آهن. ساڌو واسواڻي اهڙن مهاپرشن مان هڪ مڃيو وڃي ٿو.

ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ٢٥ نومبر ١٨٧٩ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. سندس پورو نالو ٿانورداس ليلارام واسواڻي هو. ننڍپڻ کان ئي هن جي هردي ۾ ڀڳتي ۽ شيوا جا ٻج پوکيا ويا هئا.

سندس اُستاد ساڌو هيرانند جي شخصيت جو هن تي گهرو اَثر ٿيو. پڙهائيءَ ۾ ننڍپڻ کان ئي هوَ ذهين هو. ايم.اي پاس ڪري هوُ ڪلڪتي جي سِٽي ڪاليج ۾ پروفيسر بڻيو. ٿوري وقت بعد هوُ پرنسيپال جي عهدي تي پهتو. ماتا سان ڪيل اَنجام موجب ٿانورداس، ماءُ جي ديهانت کان پوءِ سڀ عُهدا تياڳي فقيري قبولي. هُن ٻين عام ساڌن وانگر دنيا کان ڪنارو ڪونه ڪيو. هن سڄي زندگي دين دکين ۽ پسُن پکين جي شيوا ۾ گذاري، ان ڪري کيس ’ڪرم يوگي‘ ڪوٺيو وڃي ٿو.

ڀارتي سنسڪرتي ۽ ويدن جو اونهون اَڀياس ڪري اُنهن جي خوبين کان هُنَ جڳ کي واقف ڪيو. سنه ١٩١٠ع ۾ جرمنيءَ ۾ وشوڌرم سميلن ۾ سندس ڀاشڻ جي يور پواسين دل کولي ساراهه ڪئي. ودوان واسواڻي صاحب روحاني گيان سان گڏوگڏ علم ۽ لوڪ ڪلياڻ جي کيترن ۾ اَنيڪ ڪم ڪيا. اِن ڪاريه کي عملي جامو ڀه پهرائڻ لاءِ هُن سنه ١٩٣١ع ۾ ’سَکي سنگت‘ نالي سنستا برپا ڪئي. ناري سکيا لاءِ ’ميران هلچل‘ هلائي. هوُ اَڪثر چوندو هو ته هڪ ٻالڪا کي سِکيا ڏيڻ هڪ ڪٽنب کي سکيا ڏيڻ جي برابر آهي.

ورهاڱي بعد ساڌو واسواڻيءَ اَچي پونو وَسايو. پوني ۾ اِسڪول، ڪاليج اِسپتالون ۽ شيوا جا اَنيڪ اِدارا برپا ڪرايائين. هوُ نماڻو، نهنو ست پُرش هئو. هُن کيترن کي ئي ير ۾ وهاري ساڻن روح رهاڻ ڪئي ته وري کيترن ئي سندس سانت مان سبق سکيو.

ساڌو واسواڻي گيان جو ساگر ۽ روحاني شاعر هئو. نوُري تخلص سان هن کيترائي سندر پستڪ لکيا آهن. سندس رچيل ’نوري - گرنٿ‘ سنت ڪاويه جو اَنمول مثال آهي. سندس هردي ۾ سڀني ڌرمن لاءِ گهرو پريم هو. ڌرم کي هوُ ٻاهريون ڏيکاءُ نه مڃيندو هو. چوندو هو. ”ڌرم رڳو مٿا ٽيڪڻ ۾ ڪونهي ۽ رڳو گيت ڳائڻ ۽ شاستر پاٺ ۾ ڀه نه آهي. سچو ڌرم اَٿو ديا ۾، ڌرم اَٿو پوترتا ۾، ڌرم اَٿو نوڙت ۾، ڌرم اَٿو شيوا ۾، انڪري ڌرم بابت ڳالهايو گهٽ، پالن وڌيڪ ڪريو.

سندس هردي ۾ نه رڳو اِنسان ذات لاءِ پريم هو، پر پَسُن پکين لاءِ پڻ ديا ڀاوُ هو. سندس جنم ڏينهن سڄيءَ دنيا ۾ ’ويشنو ڏينهن‘ ڪري ملهايو ويندو آهي.

هِن مهاپرش ١٦ جنوري ١٩٦٦ع تي پوني ۾ سنساري چولو تياڳيو. سنڌس لڳاپيل شيوا جو ٻوٽو اَڄ وڏي وَڻ ٿيو آهي. پوني جي پوتر ميرا مِشن اَڄ هڪ تيرٿ آستان بڻجي پيئي آهي. دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ مان ايندڙ سئلاني هت ياترا ڪرڻ ايندا آهن. سنڌس روحاني وارث بڻجي دادا جشن واسواڻي 'اَنجلي' ديش وديش ۾ وڃي پريو پريم ۽ شيوا جو سنديش پهچائي رهيو آهي. سنڌس سوُنهپ ۾ ساڌو واسواڻي مشن دوُران تعليم ۽ شيوا جي کيتر ۾ اَنيڪ ساراهه جوڳا ڪم هلي رهيا آهن.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| دنيوي = سنساري | ذهين = ٻُڌيمان | حياتي = جيون |
| دين = غريب | سنساري چولو تياڳڻ = گذاري وڃڻ | روحاني = آتمڪ |
| عهدو = پَدَ | سونهنپ = رهنمائي | برپا ڪرڻ = قائم ڪرڻ |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟
٢) ڪنهنجي شخصيت جو مٿس گهرو اَثر ٿيو؟
٣) ڪيس ڪرم يوگي چو ٿو ڪوٺيو وڃي؟
٤) دادا جشن لوڪ ڪلياڻ جا ڪهڙا ڪاريه ڪري رهيو آهي؟

**سوال ٢: خال ڀريو:**

١) ايم.اي. پاس ڪري هوُ هڪ ڪاليج ۾ ------ بڻيو.
٢) هُن سنه ١٩٣١ع ۾ ------ نالي سنستا برپا ڪئي.
٣) سنڌس رچيل ------ سنت ڪاويه جو انمول مثال آهي.
٤) ڌرم رکيو ------- ۾ ڪونهي.

**سوال ٣: جملن ۾ ڪم آڻيو:**

روحاني، ذهين، انجام، نهنو، وارث

**سوال ٤: ضد لکو:**

فقيري، اونهو، نهنو، نئڙت، روحاني

**سوال ٥: هيٺين جملن مان اِسم چونڊيو.**

١) ساڌو واسواڻي هڪ سنت ٿي گذريو آهي.
٢) هُن ڪيترا شيوا جا ڪم ڪيا.
٣) سنڌس اُستاد لاءِ ڪيس پيار هو.
٤) هوُ ڪلڪتي جي ڪاليج ۾ پروفيسر بڻيو.

**هدايت** - ماستر شاگردن کي سوامي ليلا شاهه مهاراج جي جيون بابت ڄاڻ ڏيندو.
**مشغولي:** ماستر شاگردن کي ڪنهن ٻه سنڌي مهاپرش تي ڏهه جُملا گهران لکي اچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

سبق جي هڪ ٽڪر تي مشغوليون.

ماتا سان کيل ------------------------------ هڪ ڪتنب کي سکيا ڏيڻ جي برابر آهي.

(الف) برئڪيٽ مان مناسب جواب ڳولهي هيٺ ڏنل جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظن کي بدلائي، اُهي ڪم آڻيو: (اِسٿاپن، حياتي، تعليم، آڌياتمڪ، پد، ڪنيا)

١) هڪ بالڪا کي سکيا ڏيڻ هڪ ڪتنب کي سکيا ڏيڻ جي برابر آهي.
٢) ماتا سان کيل اَنجام موجب ٽانورداس سڀ عهدا تياڳي فقيري قبولي.
٣) ودوان واسواڻي صاحب روحاني گيان سان گڏو گڏ عمل ۽ لوڪ ڪلياڻ جي کيترن ۾ انيڪ ڪم ڪيا.
٤) سچي زندگي دين دکين ۽ پسن پکين جي شيوا ۾ گذاري.
٥) هن سنه ١٩٣١ع ۾ ”سکي سنگت“ نالي سنستا برپا ڪئي.

(ب) جوڙا ملايو

| | |
|---|---|
| ١) سنه ١٩١٠ع | ١) دنيا کي پڌائڻ |
| ٢) سنه ١٩٣١ع | ٢) سکي سنگت |
| ٣) دين دکين ۽ پسن ۽ پکين جي شيوا | ٣) وشو ڌرم سميلن |
| ٤) ويدن جو اونهو اڀياس | ٤) ڪرم يوگي |

(ڪ) پسون پکي اَهڙا مرکب لفظ ٽڪر مان ڳولهيو:-

(ڊ) چار لفظ ڳولهيو جيڪي هندي ٻوليءَ ۾ به اِستعمال ڪيا ويندا آهن.

## پاڻ ڪريان - پاڻ سِکان

- جو مڙيو سو جُڙيو:- وڏيڪ واد - وواد ۾ نه پيئي، جو شانت رهي ٿو، جيت اُن جي آهي.
- آئي ٽانبو ڪڻڻ بورچيٽاڻي تي ويني:- ڪو مدد گُهرڻ اچي ۽ پاڻ مالڪ تي ويهي رهي.
- جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا:- جهڙا وڏا تهڙا ننڍا
- جهڙي نيت تهڙي مُراد:- ٻُرو سوچڻ واري جو ٻُرو ٿيندو آهي، ڀلو سوچڻ واري جو ڀلو ٿيندو آهي.
- جيڏا اُٺ تيڏا لوڏا:- جيتري وڏي ذميواري، اوتري وڏي پريشاني.
- ٽڪو ڏيئي ٽانبو ڪٽائڻ:- رواجي ڪم ڪرائڻ لاءِ به ٻئي کان مدد وٺڻ.
- اُهو سون ئي گهوريو جو ڪن چني: ڪنهن قيمتي شيءِ مان به نقصان ٿئي ته اُن جو تياڳ ڪرڻ گهرجي.
- يڪ تندرستي هزار نعمت:- صحت کان وڌيڪ ڪُجهه نه آهي.
- آهه غريبان قهر خُدائي:- غريب ماڻهوءَ کي ڪڏهن به نه ستائجي.
- جتي ٻاهه ٻري اُتي سيڪُ اَچي: اَحساس اُنکي ٿيندو جنهن کي تڪليف ٿيندي.
- گدڙ ڊاکه نه پُڄي آکي ٿو کٽا:- جڏهن ڪو ماڻهوءَ ڪو ڪم نٿو ڪري سگهي ۽ چوي ته مونکي اُن ۾ شوق ڪونهي.

# ٦ - ويرُ جَوانُ

پڙهو. ڳايو.



ياد ڪري ٿو توکي سارو هندستان،
او ڀارت جا وير جوان.

١. دوُر دوُر سرحد تي تنهنجو ڏينهن رات آ پَهرو،
گَهرَجي پنهنجن پيارن جو پڻ ڏسي سگهين نہ چهرو،
لَڙندي لڙندي دشمن سان، تو جان ڪرين قربان؛
او ڀارت جا وير جوان.

٢. ڪري ڪرامت ڪارگل ۾ تو، پنهنجي ڌاڪ ڄمائي؛
’ٽائيگر هِلِ‘ کي باهہ لڳائي، دشمن کي آڱ مچائي،
پويان پير ڪري موٽي ويو، شرمسار شيطان،
او ڀارت جا وير جوان.

٣. راڻي پرتاب جو ڀالو تو وٽ، شير شواجيءَ جي تلوار؛
هَنومان جو ٻَلُ آ تو وٽ، ۽ درگا جي تيز ڪٽار،
تو وٽ آهي گَدا ڀِيم جي، اَرجن جو پڻ تير ڪمان؛
او ڀارت جا وير جوان.

٤. تنهنجي ڪري ئي پيارا سپاهي، ديس رهي آزاد؛
سپڪو سُکَ جي ننڊ سمهي ٿو، هر ڪوئي آ شاد،
ڪين ڪڏهن ڀُلجي ويندا سين، تنهنجا هي اَحسان؛
او ڀارت جا وير جوان.

YP3EXZ

**نوان لفظ:**

قربان = ٻلهار
شاد = خوش
شرمندو = لڄي
اَحسان = ٿورو.
ڪرامت = چمتڪار

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) سپاهي ڪنهنجو چهرو نٿو ڏسي سگهي؟
٢) ڏاڪ جمائڻ لاءِ سپاهيءَ ڇا ڪيو؟
٣) سپاهيءَ ڪي ڪهڙا ڪهڙا هٿيار آهن؟
٤) شاعر موجب ڪنهن جا اَحسان اَسين ڪڏهن ڪونه ڀلائيندا سين.

**سوال ٢:- بيت جي آڌار تي سٽون پوريون ڪريو:-**

١) ڪري ڪرامت ---------------------------------------- آڻ مچائي.
٢) راڻي پرتاب جو ---------------------------------------- تيز ڪٽار.
٣) سيڪو سکہ جي ------------------------------------ تنهنجا هي اَحسان.

**سوال ٣:- خال ڀريو:**

١) لڙندي لڙندي دشمن سان ٿو ----- ڪرين قربان.
٢) ----- کي باهه لڳائي تو دُشمن کي آڻ مچائي.
٣) سيڪو سک جي ننڊ سمهي ٿو ------ آ شاد.

**سوال ٤:- هيٺ ڏنل پهاڪا، چوڻيون جملن ۾ ڪم آڻيو:-**

ڏاڪ جمائڻ، آڻ مچائڻ، پويان پير ڪري موٽڻ، سُک جي ننڊ سمهڻ.

**سوال ٥:- هيٺين لفظن جا هم آوازي لفظ لکو:**

١) پهرو ٢) پيارا ٣) ڪڏهن ٤) ڏينهن

**هدايت :-** ماستر هيءُ بيت اثرائتي نموني پڙهي ٻڌائيندو ۽ چوائيندو.
**مشغولي:** ماستر، شاگردن کي ”وير سپاهي“ تي ڏهه سٽون لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

**(١) شعر بعد تي مشغوليون**

١) ڪري ڪرامت ڪارگل ۾ تو --------- اَرجن جوڪڻ تير ڪمان.

**جوڙا ملايو:**

| | |
|---|---|
| ١) هنومان | ١) ڀل |
| ٢) درگا | ٢) تير ڪمان |
| ٣) راڻو پرتاب | ٣) ڀالو |
| ٤) شيواجي | ٤) تلوار |
| ٥) اَرجن | ٥) ڪِٽار |
| ٦) ڀيم | ٦) گَدا |

**٢) ’شير شيواجي‘ ۾ ٻئي لفظ ساڳئي اَکر سان شروع ٿين ٿا.**
اَهڙي نموني ٻيا ٻہ مثال ڳولهي لکو.

**٣) هيٺين سوالن جو جواب هڪ لفظ ۾ ڏيو:-**


(الف) رامايڻ جو ڪردار

(ب) مهاڀارت جو ڪردار

(ٻ) چيتڪ، گهوڙو هلائيندڙ

(پ) مُغلن کي ٽوٽا ڇپائيندڙ

**٤) فوج ۾ ملندڙ سنمانن (پدڪن) جي ياداشت ٺاهيو.**



## وياڪرڻ

**١. ڏنل مثالن موجب جُملا پورا ڪريو :-**

| عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|
| مثال:- ١) راڻيءَ انب کاڌو. | راڻين انب کاڌا. |
| ٢) ڇوڪرو راند ڪري ٿو. | ڇوڪرا راند ڪن ٿا. |
| ١) راڌا آکاڻي پڙهي. | .................................... |
| ٢) .................................... | پنکا هلن ٿا. |
| ٣) وڻ هوا کي شُڌ ڪري ٿو. | .................................... |
| ٤) .................................... | ٻار پکنڪ تي ويا. |
| ٥) ڳانءِ کي سڱ هوندا آهن. | .................................... |
| ٦) .................................... | پوليس چورن کي پڪڙيو. |
| ٧) طوطو مرچ کائيندو آهي. | .................................... |
| ٨) .................................... | هيرا چمڪندا آهن. |
| ٩) رينا ليکُ لِکيو. | .................................... |
| ١٠) .................................... | ميزن تي گلاسُ رک. |

**٢. جنس بدلايو:- گهوڙو، راڻي، مامو، ڏاڏي، مور، ٻلي، هاٿي، زال، اُٺ، پاڙيچي**

ٻڌو. پڙهو. سمجهو ۽ لکو.

# ٧ - درخواست



مانوارا هيڊماستر صاحب

ساڌُو واسواڻي، سنڌي وديالیہ، ڪولهاپور

مهاراشٽر

تاريخ: ٥ نومبر ٢٠١٦ع

آدرڻيہ سائين،

وشيہ: موڪل وٺڻ بابت درخواست.

مان، مهڪ سُنيل ٽيڪچنداڻي، هن اِسڪول جي درجي ستين ’بي‘ جي شاگرد آهيان. ايندڙ ٢٥ نومبر تي اَحمداباد ۾، منهنجي پياري پاءُ مهيش جي شادي ٿيڻي آهي، مان اُن ۾ شريڪ ٿيڻ چاهيان ٿي.

اَوهان صاحبن کي منهنجي نماڻي وينتي آهي تہ مونکي تاريخ ٢٣ نومبر کان ٢٩ نومبر تائين، هڪ هفتي لاءِ موڪل ڏيڻ جي عنايت ڪندا، مان اَوهان صاحبن جي تهدل شڪرگذار رهنديس.

مان اَوهانکي خاطري ٿي ڏيان تہ ڏنل موڪل وارن ڏينهن جو سمورو ڪم، واپس اَچڻ بعد وڌيڪ وقت ڏيئي پورو ڪنديس.

توهان هميشه اَسان شاگردن تي مهربان رهندا آيا آهيو، مونکي پوري اُميد آهي تہ منهنجو عرض قبولي شاديءَ ۾ شرڪت ڪرڻ جي اِجازت ڏيندا.

اَدبن سان اَوهانجي شاگرديااڻي،

مهڪ

**نوان لفظ:**

عنايت = مهرباني، مهربان = ديالو، شرڪت ڪرڻ = شامل ٿيڻ.

## اَڀياس

**سوال ١ :- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) مهڪ جي پاءُ جي شادي ڪڏهن ۽ ڪٿي هئي؟

٢) مهيش جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مهڪ ڪيترن ڏينهن جي موڪل گهُري؟

YP72LH

**هدايت :** ماستر شاگردن کي دستوري ۽ غير دستوري خط ۾ تفاوت سمجهائيندو.

**مشغولي:** ماسترن شاگردن اَخبار جي سمپادڪ ڏانهن، هوا ۾ وڌندڙ پردوشڻ بابت ڏيان ڇڪائيندي خط لکڻ لاءِ چوندو.

(۱) هيٺين کي دستوري ۽ غير دستوري خطن ۾ ورهايو:-

| نمبر | ڏانهن | وشيه | دستوري / غيردستوري |
|---|---|---|---|
| ۱. | دوست | اِنعام ملڻ تي واڌايون. | |
| ۲. | اَخبار سمپادڪ | شهر ۾ گندگيءَ جي آزار بابت | |
| ۳. | چاچي | آمريڪا ۾ نوڪري ملڻ بابت | |
| ۴. | ميونسپل اَڌڪاري | اِسڪولن ۾ ڪمپيوٽر آڻڻ بابت | |
| ۵. | اِسڪول هيڊماستر | في معاف ڪرڻ بابت | |


(۲) پنهنجي دوست يا ساهيڙيءَ لاءِ ڪوبہ هڪ واڌاين جو ڪارڊ تيار ڪريو. هيٺ هڪ ناتال جي واڌاين جو ڪارڊ نموني طور ڏنل آهي.




خطن جا قسم ۽ ٽِڪليون



۱. اَنترديشي پٽر



۲. پوسٽ ڪارڊ





۳. لفافو



۴. ٽِڪليون

ٻڌو. پڙهو. لکو.

# ٨ - ڪاغذ جي ڪهاڻي



**(ماستر ۽ شاگرد جي وچ ۾ گفتگوءَ)**

ماستر - موهن! ٻڌاءِ ته تنهنجو هيءُ ڪتاب ڇا تي ڇپيل آهي؟

موهن - ڪاغذ تي.

ماستر - چڱو ڀلا، جڏهن ڪاغذ ڪونه هوندا هئا، تڏهن ماڻهو ڪتاب ڇا تي ڇپيندا هئا؟

موهن - سائين، مونکي خبر نه آهي. ڪرپا ڪري توهان ئي ٻڌايو.

ماستر - جڏهن ڪاغذ ڪونه هوندا هئا. تڏهن ماڻهو سرن تي لکندا هئا.

موهن - سِرُن تي! سِرُن تي ڪيئن لکندا هوندا؟

ماستر - ڪچين سِرُن تي ڪاٺ جي ٽڪنديءَ قلم سان لکندا هئا. لکڻ کانپوءِ سِرُن کي سڪائي ڪوُري ۾ وجهي پچائيندا هئا. اهڙيءَ طرح آڳاٽي زماني جا اَنيڪ ڪتاب، سرن تي لکيل هٿ لڳا آهن.

موهن - پر اَهڙيءَ طرح لکڻ ۾ ته ڏاڍي دير لڳندي هوندي؟

ماستر - اِئين برابر آهي. تنهن کان پوءِ ماڻهوُ وڻ جي پنن تي ۽ کلُن تي يا چمڙي تي ڪتاب لِکڻ لڳا.

موهن - سائين، ڇا! وڻن جي پنن تي لکي سگهبو آهي؟

ماستر - ڇو نه لکي سگهبو. آڳاٽي زماني ۾ ڪيترائي ڪتاب تاڙ پترن ۽ ڀوڄ پترن تي لکيل لڌا اَٿائون.

موهن - سائين! اهڙا ڪتاب ته جلد ڦاٽي پوندا هوندا؟

ماستر - موهن، جيڪي چوين ٿو سو بلڪل ٺيڪ آهي. هڪڙي ماڻهوءَ ڪچري ۽ ڪپڙي جي اَڳڙين وغيره مان ڪاغذ ٺاهيو. اُهو ڀوڄ- پتر کان وڌيڪ جٽادار هو. تنهن کان پوءِ آهستي آهستي ماڻهو ترقي ڪندا ويا، گاهه ۽ بانس جي لئي ناهي. اُن مان ڪاغذ ٺاهڻ لڳا.

موهن - اَڄ ڪالهه اَسان جا ڪتاب جيڪي ڇپجن ٿا. ڇا، اُنهن جو ڪاغذ هٿ سان ٺهيل آهي؟

ماستر - نه موُهن نه، اِهو ڪاغذ ڪارخانن ۾ ٺهي ٿو. اَڄ ڪالهه ڪاغذ مشينن جي وسيلي ٺهي ٿو. ڀارت ديش ۾ ڪاغذ ٺاهڻ جا ڪيترائي ڪارخانا برپا ٿي ويا آهن.

موهن - سائين، هاڻي ٻڌايو ته اَڄ ڪالهه ڪاغذ ڪيئن ٿو ٺهي؟

ماستر - ڀريائين ڪاغذ جي ٽڪرن، ڪپڙن جي اِڳڙين ۽ گاهه کي گهٽي انداز ۾ گڏ ڪري، اُنهن کي مشين جي وسيلي خوب ڪٽي، سنهو ڪري، اُنهن جي لئي ٺاهيندا آهن. اُها لئي مشينن

جي وسيلي ويلڻن سان ويلجي چادرن جو روُپ اَختيار ڪندي آهي. هوا جا پڪا اُنهن چادرن کي سُڪائيندا ويندا آهن، جنهن ڪري اُنهن مان پاڻي صفا نڪري ويندو آهي ۽ اَهڙيءَ طرح پاڻيءَ مان سُڪائي ڪاغذ تيار ٿيندو آهي.

موهن - سائين، توهانجي مهرباني، توهان ڪاغذ ٺهڻ بابت تفصيلوار ڄاڻ ڏني آهي. اَڄ مون ڪاغذ بابت گهڻو ڪجهه سِکيو.

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو:-**

١) ماستر موهن کان ڪهڙو سوال پڇيو؟
٢) پوچ پترن کان ڪهڙو ڪاغذ وڌيڪ ڄٽادار آهي؟
٣) آڳاٽي زماني مان ڪهڙا ڪتاب لڌا ويا هئا؟
۴) جڏهن ڪاغذ ڪونہ هوندا هئا تہ ماڻهو ڇا تي لکندا هئا؟

**سوال ٢:- هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو:-**

١) آڳاٽي زماني ۾ ماڻهون سِرُن تي لِکاوت ڪئين ڪندا هئا؟
٢) ترقيءَ کان پوءِ ڪاغذ ڪيئن ٺاهيو ويو؟
٣) اَڄ ڪالهہ ڪاغذ ڪيئن ٿو ٺهي؟

**سوال ٣:- هيٺين جا خال ڀريو:-**

١) جڏهن ڪاغذ ڪونہ هوندا هئا، تڏهن ماڻهو ---- تي لکندا هئا.
٢) وڻن جي ----- تي لکي سگهبو آهي؟
٣) ڀارت ديش ۾ ڪاغذ ٺاهڻ جا ڪيترائي ------برپا تي ويا آهن.
۴) اڄ ڪلهہ ڪاغذ ------ جي وسيلي ٺهي ٿو.

**سوال ۴:- ضد لکو:-**

ڇڱو، برابر، دير، پورو، وڌيڪ، آهستي

**سوال ۵:-هيٺين جا عدد بدلايو:-**

ڪاغذُ، مشين، ڪارخانو، ڪتاب، وڻ، سِروُن

**سوال ٦:- هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو:-**

١) آڳاٽي ٢) اَنيڪ ٣) ترقي ۴) ڪاغذ.

**سوال ٧:- هيٺين جملن مان ضمير ڳولهي لکو:-**

١) توهان ڪاغذ ٺاهڻ بابت ڄاڻ ڏني.
٢) اُهو پوچ - پتر کان وڌيڪ ڄٽادار هو.
٣) اُنهن جو ڪاغذ هٿ سان ٺهيل آهي.
۴) جيڪي تون چوين ٿو سو بلڪل ٺيڪ آهي.

**هدايت:-** ماستر شاگردن کي ڪاغذ ٺاهڻ جي ڪارخاني ۾ وٺي ويندو ۽ ڪاغذ ٺهڻ جو طريقو ڏيکاريندو.
**مشغولي:-** ماستر ٻارن کي ڪاغذ جي آتم ڪٿا لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

**(۱) ڪاغذ جا هيٺيئن خاڪي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڪم لکو:-**

| روزاني زندگيءَ ۾ | اِسڪول ۾ | ڪارخاني ۾ | ٻيا ڪم |
|---|---|---|---|
| ۱) | | | |
| ۲) | | | |
| ۳) | | | |

**(۲) ڪاغذ جي ٻيڙي توهان کي ٺاهڻ ايندي آهي. اَهڙي نموني جدا جدا ڪاغذ (اَڇو ۽ رنگين) ڪٽي هيٺيون شيون ٺاهيو پنهنجي اُستاد، مائٽن، دوستن ۽ اِنٽرنيٽ جي مدد وٺي سگهو ٿا.**



**(۳) هيٺين جملن کي هاڪاري ۽ ناڪاري جملن ۾ ورهايو:-**

۱) ڪاغذ ڪونہ هوندا هئا.
۲) ماڻهو سِرن تي لکندا هئا.
۳) سائين مونکي خبر نہ آهي.
۴) اِهو ڪاغذ ڪارخاني ۾ ٺهي ٿو.
۵) سرن تي ڪاٺ جي ٽڪنڊي قلم سان لکندا هئا.

**(۴) هيٺ ڏنل جملن ۾ ليڪ ڏنل فعلن کي بدلائي مناسب لفظ ڪم آڻي جملا وري لکو.**

۱) اَڄ ڪلهہ ڪاغذ مشينن جي وسيلي ٺهي ٿو.
۲) ڪرپا ڪري توهان ٽي ٻڌايو.
۳) آڳاٽي زماني جا اَنيڪ ڪتاب سِرُن تي هٿِ لڳا آهن.
۴) جيڪي چوين ٿو سو بلڪل ٺيڪ.
۵) هوا جا پکا اُنهن چادرن کي سڪائيندا ويندا آهن.

**(۵) گفتگو لکو:-** ۱. ٻاجيءَ وارو ۽ گراهڪ ۲. وڻ ۽ انسان

## پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

**١. هيٺ هرهڪ گروهه جي برئڪيٽ مان مناسب اکر ڳولهي لفظ تيار ڪريو.**

- اِعتبا
- ڪايگهہ
- ڪاپا
- قطا

(م، ر، چ)

- م
- وا
- ڪو
- مارو

(چ، ت، س، هہ)

- مينا
- روا
- مؤ
- ڪو

(ڪ، ڙ، ر، ج)

- ويرا
- سا
- را
- وا

(ب، ٽ، ٺ، گهہ)

**٢. ڏنل لفظ سان لاڳاپو رکندڙ لفظ لکو:-**

- آسمان: بادل
- قُلڪو: ويلڻ
- ڏيئو: تيل

YPCAZH

ٻڌو. ڳايو.

# ٩ - پَکي



صبح سويلو پَکي اَچن ٿا،
منڙي منڙي لاتِ لِنون ٿا.

ڪانوَ ڪبوتر جهرڪيون طوطا،
رنگہ برنگي پکي سونهن ٿا.

بوندي رکون يا جوُئِر ٻاجهري،
داڻو داڻو ڪري چُڳن ٿا.

ميلُ ميلاپُ ٿَنِ پاڻ ۾ ڪيڏو،
هڪ ٻئي کي هو سڏڙا ڪن ٿا.

پياسا پري کان اَچن اُڏامي،
اَچي پاتِ مان پاڻي پيئن ٿا.

هِتِ هُتِ ويَهنِ وَڻَن ٽِڻِن تي،
ٻارن وانگر نچن ٽَپن ٿا.

سانجهيءَ ٽاڻي پکي وَڻِن ۾،
وڃي اَجهي ۾ آرام ڪَنِ ٿا.

ديا ڪرڻ سان دُعا ملي ٿي،
’آشا‘ برڪت پکي وجهن ٿا.



**نوان لفظ:**

سونهن = وڻَن
پياسا = اُڃايل
چُڳن = کائن
سانجهي = شام
ميل ميلاپ = ايڪتا
ٽاڻي = وقت
دُعا = آسيس.

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) پکي ڪهڙي وقت لاتِ لِنون ٿا؟
٢) چئن پکين جا نالا لکو.
٣) ٻارن وانگر پکي ڇا ٿا ڪن؟
۴) پکي آرامي ڪڏهن ٿين ٿا؟

**سوال ٢- خال ڀريو:**

١) ------ رکون يا جوئر ٻاجهري.
٢) اَڇي ----- مان پاڻي پيئن ٿا.
٣) ----- ٿاڦي پکي وڻن ۾.
۴) ديا ڪرڻ سان ----- ملي ٿي.

**سوال ٣- بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو:**

١) صبح سويلو -------------------------------------------- لاتِ لِنون ٿا.
٢) بوندي رکون -------------------------------------------- چُڳَنِ ٿا.
٣) هِتِ هُتِ -------------------------------------------- نچن ٽپن ٿا.
۴) ديا ڪرڻ سان -------------------------------------------- پکي وِجهن ٿا.

**سوال ۴:- ضد لکو:**

منڙي، رنگ بي رنگي، پري، سانجهي،

**هدايت:** ماستر هيءُ بيت اثرائتي نموني پڙهي ٻڌائيندو ۽ شاگردن کان چوائيندو.
**مشغولي:** ماستر شاگردن کي چوندو ته ’طوطو‘ پکيءَ تي پنج جملا گهران لکي اَچن.

## پورڪ اَڀياس

**(١) شعر بند مان مشغوليون**

سانجهي ٿاڦي -------------------------------------------- پکي وجهن ٿا.

**(الف) بيت جي سٽن مان مناسب لفظ ڳولهيو جن جو لاڳاپو هيٺ ڏنل لفظن سان هجي.**

١) آڪيڙو ٢) وقت ٣) واڌارو ۴) رحم

**(ب) سوالن جا جواب لکو:**

(الف) ڪوتا جي شاعر جو نالو لکو.
(ب) اَجهو لفظ جو ساڳيءَ معنيٰ وارو لفظ لکو.
(ء) دُعا لفظ جو ضد لکو.

**(٢) پکي به قدرت جي سونهن آهن. پر اَڄ جي ماحول ڪري ڪيترن پکين جو تعداد گهٽجي رهيو آهي. توهين پنهنجي پسگردائيءَ ۾ پکين جو تعداد وڌائڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءُ وٺندا؟ لکو.**

١. سوال ڏسي جواب لکو (سڀ جواب ’ڪ‘ اکر سان شروع ٿيندڙ آهن)


| سوال | جواب |
|---|---|
| هڪ ياجي | |
| هڪ نرتيہ | |
| هڪ سنڌي مهنو | |
| آسٽريلا جو جانور | |
| هڪ ڏارمڪ تيرٿ اِستان | |
| پُٽيءَ جو ڪنڊو | |
| وقت جو هڪ اِيڪو | |
| هاريءَ لاءِ بيو لفظ | |

٢. هيٺ خاڪي ۾ مهاراشٽر راڄيہ جي ڪجھ ضلعن جا نالا ڏنل آهن. ڪي بہ ڇهہ ضلعا چونڊي نالا لکو:-

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| اَ | ڪو | لا | - | را | ٿا | ضلعا |
| م | لھا | تو | - | ء | ٽي | |
| را | پو | ر | تنا | گ | ري | |
| و | ر | پُ | ٽي | ڙ | - | |
| تي | وا | ر | ڏا | - | - | |
| نا | ش | ڪ | جا | ل | نا | |
| - | م | - | - | - | - | |

ٻڌو. پڙهو. عمل ۾ آڻيو.

# ١٠ - سنيتا جي سياڻپ



**پاترن جي واقفيت: سنيتا: عمر اٽڪل ١٠ سال، چور: عمر اٽڪل ٣٠ سال، چوڪيدار: عمر اٽڪل ٢٥ سال**

رات جا اٽڪل ١٢ لڳا آهن. سنيتا پنهنجي اَپياس جي ڪمري ۾ اِمتحان جي تياري ڪري رهي آهي. سندس ماءُ پيءُ ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويل آهن.

هڪ چور سنيتا جي اَڪيلائيءَ جو فائدو وٺي پٺئين در کان گهر اَندر داخل ٿئي ٿو. چوڪريءَ کي جاڳندو ڏسي پردي پٺيان لڪي بيهي ٿو. خوش نصيبان سنيتا پردي پٺيان لڪل چور جا پير ڏسي وٺي ٿي. ڪجهه وقت لاءِ گهٻرائجي وڃي ٿي. پر جلدئي ڪجهه سوچي حوصلو رکي هڪ تجويز سوچي ٿي. ڪتاب بند ڪري پنهنجي گڏين سان راند ڪرڻ شروع ڪري ٿي. چور ويچار ڪري ٿو تہ سنيتا ٻار آهي. ڪجهه وقت راند ڪري ٿڪجي پوندي ۽ پوءِ سمهي پوندي. مان آرام سان سڄو گهر ٻهاري ڪڍي ويندس. پر سياڻيءَ سنيتا بہ چور کي پڪڙائڻ جو پڪو اِرادو ڪيو هو. هوءَ گُڏن گُڏين کي پنهنجا رشتيدار ٻڌائي هن ريت راند ڪرڻ لڳي .

**سينتا:** (وڏي آواز سان) هي بہ وڏا گُڏا منهنجا پيءُ ۽ ماءُ آهن، هيءُ سهڻي گُڏي مان سنيتا آهيان. مان جڏهن وڏي ٿينديس تہ منهنجي شادي هن شاندار ۽ بهادر گُڏي سان ٿيندي. مان پيءُ ۽ ماءُ کي ڇڏي هن گُڏي سان ساهري گهر هلي وينديس. ڪجهہ وقت کان پوءِ مونکي هن ننڍي گڏي جهڙو بهادر پٽ ڄمندو. مان سندس نالو جنگہ بهادر رکنديس. منهنجو هيءَ جنگہ بهادر هوشيار پر شرارتي ٿيندو.

(چور آڪاڻي ٻڌي رهيو آهي ۽ سنيتا جي سمهڻ جو اِنتظار ڪري رهيو آهي)

**سنيتا:** (پنهنجي گفتگو کي چالو رکندي) منهنجو هيءَ شرارتي پٽ جڏهن لکڻ پڙهڻ تي ڌيان نہ ڏيندو تہ مان کيس دڙڪا ڏينديس. منهنجو هيءَ پٽ رسي ويندو. مان کيس منائڻ لاءِ هِن دريءَ کان سڏ ڪنديس. ”او منهنجا بهادر پٽ هيڏانهن اَچ. جنگہ بهادر جلدي اچ.“

(سنيتا جا سڏ ٻڌي گيٽ تي بيٺل چوڪيدار گورکو جنگہ بهادر هڪدم سنيتا وٽ حاضر ٿئي ٿو.)

**جنگم بهادر:** ڇئہ منهنجي ننيڙي اَمان! منهنجي لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟

(ننيڙيءَ سنيتا جي وڏي پٽ ڪي اَچانڪ ظاهر ٿيندي ڏسي چور وائڙو ٿي وڃي ٿو.)

**سنيتا:** (پردي ڏانهن اِشارو ڪندي) پٽ جنگم بهادر، هن پردي پنيان چور جي لٺ سان مرامت ڪر.

چوڪيدار سمجهي ويو تہ پردي پنيان چور آهي، سو چور جي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي ڪيس ٻاهر ڪڍي ٿو ۽ اُن تي لٺ اولاري ٿو. چور سياڻي سنيتا جي پيرن ڪي پڪڙي معافي گهري ٿو.)

(پردو ڪري ٿو.)

**نوان لفظ:**

حوصلو = همٿ شرارتي = حرڪتي ڀهاري وڃڻ = سڀ ڪجهہ ڪٺي وڃڻ

تجويز = رِٿ.

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو:**

١) پنئين در ڪان ڪير گهڙي آيو؟

٢) سنيتا چور ڪي ڪتي ڏٺو؟

٣) چوڪيدار ڇا سمجهي ويو؟

۴) سنيتا راند ۾ رشتيدار ڪنهن ڪي ٻڌايو؟

**سوال ٢:- هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو:**

١) سنيتا چور ڪي ڪيئن پڪڙايو؟

٢) سنيتا وڏي آواز ۾ ڪنهن ڪي سڏ ڪيو ۽ ڇو؟

**سوال ٣:- ضد لکو:-**

پنيان، ننيو، ٻاهر، سياڻي، بهادر، حاضر.

**سوال ۴:- هيٺين لفظن جون صفتون لکو:-**

ڪم، فائدو، نالو، شانُ، اڪيلائي،

**سوال ۵:- هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهن ڪي چيا آهن؟**

١) ”هيءَ سهڻي گڏي مان سنيتا آهيان.“

٢) ”او منهنجا جنگم بهادر پٽ، هيڏانهن اَچ.“

٣) ”هن پردي پنيان لڪل چور جي لٺ سان مرامت ڪر.“

**سوال ٦:- ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو:**

| الف | ب |
|---|---|
| ١) شرارتي | ١) ماٺت |
| ٢) رشتيدار | ٢) رِٿ |
| ٣) تجويز | ٣) همٿ |
| ۴) حوصلو | ۴) حرڪتي |

**هدايت:** ماستر شاگردن کي اهڙي آڪاٽي ٻڌائيندو جنهن مان ٻار بهادر ٿين.
**مشغوُلي:** (١) هي سبق ناٽڪي روپ ۾ ڪلاس ۾ پيش ڪريو.
(٢) ماستر شاگردن کي سنگيت آچاريہ ماستر چندر جو ڳايل ’اِئين اچا مان ننڍڙي آهيان.‘ گيت ڪلاس ۾ ٻڌائڻ جو بندوبست ڪندو.

## پورڪ اَڀياس

**(١) گفتگو لکو:-**
**الف: ”چور ۽ پوليس، (ب) ٽيچر ۽ شاگرد**
**(٢) هيٺيان خاڪا پورا ڪريو:-**

**(الف)**

مان گهر ۾ ڪپڙا ٺاهي رکندو آهيان.




**(ب)**

ڪرافٽ وشيہ ۾ فانوسو تيار ڪرڻ سکيو آهيان.




**(٣) ڪتو، ٻلي مان ۽ منهنجي ساهيڙي ۽ / دوست اِنهن ذريعي ننڍي آڪاٽي / قصو لکو.**
**(۴) ٻہ ٽہ ٻارهان اِن چوٽيءَ تي اَٺ ڪان ڏهہ جملا لکو.**

(۵) سنيتا وقتائتو قدم کڻي چور کي پڪڙايو.
توهان هيٺين حالتن ۾ ڇا ڪندا؟

| حالت | قدم |
|---|---|
| (۱) توهان کي رستي تي ۱۰۰۰ رپئي جو نوٽ ملي ته ..................... | |
| (۲) هلندي گاڏيءَ مان توهان جو ٿيلهو ڪري پوي ته ..................... | |
| (۳) اِسڪول ۾ ٻن هم ساٿين وچ ۾ جهڳڙو ٿئي ته ..................... | |
| (۴) توهان جا دوست هڪ باغ مان انبڙيون پٽي رهيا آهن ته ..................... | |
| (۵) توهان جي پاڙيسريءَ وٽ پاڻي نٿو اَچي ته ..................... | |
| (٦) رستي تي پنڌ ڪندي توهان سخت گرمي محسوس ڪري رهيا آهيو ته ..... | |

(٦) هيٺين جملن ۾ لفظن جو سلسلو ٺاهي جملا وري لکو:

| | |
|---|---|
| ۱) اَٿر اڪين فلمن ڏسڻ ٿو ٿئي سان تي | |
| ۲) اِسڪول ڪم پورو راڌا گهرو جو ڪيو | |
| ۳) نيرن ماءُ تيار منهنجي ڪئي | |
| ۵) درليپ آهي پرم وير چڪر سنمان | |
| ٦) ماڻهو سنتوشي خوش هر ٿو رهي حال | |

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

ڏنل مثالن موجب خال ڀريو:

| اِسم | صفت | اِسم | صفت |
|---|---|---|---|
| سنوت | سنئون | ----- | شانائتو |
| سگهه | سگهارو | اٿر | ---- |
| گهٽائي | ----- | ڏينهن | ---- |
| ---- | مندائتو | ---- | راتوڪو |
| قيمت | ---- | سمنڊ | ---- |
| ---- | واريا سو | ---- | سياڻو |
| عادت | ---- | ---- | وڏو |

پڙهو. پڙهو. سمجهو ۽ عمل ۾ آڻيو.

# ١١ - وَڻ ٽڻ ۽ ٻيلا





پرٿويءَ جي اَڌُ سونهن وَڻن ٽڻن ۾ آهي. هندستان جهڙي گرم ملڪ ۾ تہ وڻ نعمت آهن. وڻ گهرن ۽ گهِٽين جي وَسئن، سڙڪن جي سونهن ۽ باغن جو سينگار آهن. وڻ واٽهڙُن کي گرميءَ کان بچائن ٿا ۽ ڏينهن جي هوا کي صاف ڪن ٿا.

وڻ سُڄَ ۽ وَسئن جو فرق ٻڌائن ٿا. سندن ساوا پن تن من لاءِ ٺارُ آهن. بسنت رُت ۾ نازڪ مکڙيون ڏسي قدرت تان ٻلهار پيو وڃجي ۽ سندن ٻوُر جي سڳنڌ سان دماغ کي تراوت اَچيو وڃي. وڻ نہ هُجن تہ جيڪر پکين جون منڙيون لاتيون بہ ڪين ٻڌجن.

اونهاري جي موسم ۾ ٻپهريءَ جي وقت تپت ۾ پيدل پنڌ ڪرڻ بعد ئي وڻن جي آسائش جو قدر پوي ٿو. چوُپائي مال لاءِ چانورو نہ هجي تہ جيڪر سندن ڪيرُ سُڪي وڃي ۽ مال اُسن ۾ سڙي مري وڃي. هارين لاءِ وڻن جي ڇانو تہ جيءَ جو جياپو آهي.

ڪن وڻن جا پَن، ٻوُر ۽ گُل دوائن طور ڪَم ايندا آهن. ڪي وڻ وري ميوو ڏين. ميوو پانت پانت جو ٿئي ٿو. سندن شڪل ڏار ڏار، رنگ ۽ سوادُ نرالو آهي قدرت جي اَپار ڪروٽا ۽ شڪتيءَ جي ساک ڏين ٿا. تعجب تہ اِهو آهي جو وڻ نہ رڳو عام زمين تي، مگر پهاڙن تي بہ اُپرن ٿا. وڻن بنا پهاڙ پڻ گنجايا نوڙها ڪونجن ٿا. حقيقت تہ اِها آهي تہ اسان جو سُکہ سمپدا گهڻي پاڱي وڻن ٽڻن سان ڳنڍيا آهن.

وڏي ايراضيءَ ۾ گهاٽا ۽ ڊگها وڻ هَجن تہ اُن کي ٻيلو سڏبو آهي. ٻيلن ۾ اَڪثر ٻَبُرُ، ڪُنڊي، چيل ۽ ديال جا وڻ هوندا آهن. ٻيلن جو نظارو ڏسڻ وٽان هوندو آهي. اُتي ڇانورو ايترو تہ گهاٽو هوندو آهي، جو منجهند جو بہ سج جو تڙڪو مٿان ڪين پوندو آهي ۽ ڏينهن جو بہ مُنهن اونداهي ڏسي اَچرج وٺيو وڃي.

ٻيلن ۾ قدرتي سانت هوندي آهي. اُتي وڻن جي سرسراهٽ ۽ پکين جون ٻوليون ٻڌي دل ۾ عجيب اُمنگ اُٿندا آهن.

ٻيلن مان اَنيڪ فائدا آهن. آزمودي مان ڏٺو اَٿن ته جتي ٻيلا جام آهن، اُتي برسات به سُٺي پوي ٿي، ڇاڪاڻ ته ٻيلن جي وڻن جي ٿڏڪار ۽ آلاڻ سبب هوا گهميل ۽ ٿڌي هوندي آهي. بادل سَيرُ ڪندا ڪندا جڏهن ٻيلن جي مٿان لنگهندا آهن، تڏهن بارش جو ڪجهه نه ڪجهه ڏاڻُ ڏيندا ويندا آهن. بارش جو پاڻي جڏهن ٽڪرن تان زور سان هيٺ لهندو آهي، تڏهن زمين جي مٿاڇري جي پَلي مِٽي گهلي ويندو آهي. ٻيلا اُن نقصان کي روڪيندا آهن. ٻيلن جي ڪري آبهوا تي به اثر پوي ٿو ۽ هوا مُوافق ٻڻجي صحتمند ٿي پوي ٿي. ٻيلن مان پيدائش به جهجهي ٿيندي آهي. ڪاٺُ، ڪوئلا، لاک، ڪاٺو ۽ ماکي ٻيلن مان ئي حاصل ٿيندا آهن.

ٻيلن جا ٻه وڏا دشمن آهن، هڪ آهي باهه ۽ ٻيو آهي ڪُهاڙي. ڪڏهن ڪڏهن ٻن سُڪل ٽارين کي گهڪو اَچيو وڃي ته باهه ٻريو پوي ۽ سڄي ٻيلي کي وڇڙيو وڃي. ٻيو وري ماڻهو ڪاٺين لاءِ ٻيلا ناسُ ڪندا آهن. اُنهن دشمنن کان بچائڻ لاءِ سرڪار ٻيلن جا راکا ۽ عملدار مقرر ڪندي آهي.

اَسان جا وڏا وڻن جو ڏاڍو قدر ڪندا هئا، ايتري قدر جو هوُ وڻن کي به ديوتا ڪري سمجهندا هئا. اسان ڪجهه وقت اُن ڳالهه کان لاغرض رهيا، جنهن ڪري چيهو رسايو آهي. هاڻي وري وڻن پوکڻ جو تحرڪ شروع آهي، جنهن کي سڦل ڪرڻ اَسان جو فرض آهي.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| وسئن = رونق | تحرڪ = هلچل | آسائش = آرام |
| چانورو = ڇاياڊار جاءِ | سمپدا = ملڪيت | راکا = بچاءُ ڪندڙ |
| لقاءُ = نظارو | ڏاڻ = دان | لاغرض = بيپرواهه |
| چيهو رسائڻ = نقصان پهچائڻ | | |

## اَڀياس

**سوال ١ - هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) وَڻ نعمت ڪيئن آهن؟
٢) ٻيلا ڇا کي چئبو آهي؟
٣) ٻيلن مان ٿيندڙ فائدا لکو.
٤) ٻيلن جا دشمن ڪير آهن ۽ ڪيئن؟

**سوال ٢:- هيٺين ۾ خال ڀريو.**

١) چوُپائي مال لاءِ ---- نه هجي ته جيڪر سندن ڪيرُ سُڪي وڃي.
٢) ڪِن وڻن جا پن، ٻوُرَ ۽ گُل ---- طور ڪم ايندا آهن.
٣) وِڻن بنا پهاڙ گنجا يا ---- ڪونجن ٿا.
٤) سرڪار ٻيلن جا ---- ۽ عملدار مقرر ڪندي آهي.

**سوال ۳:- هيٺين جا ضد لکو:-**

گرم، چانوَ، گهاٽا، صحتمند، سانت، تپت

**سوال ۴:- هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

نعمت هئڻ، ڏاڍُ ڏيڻ، اُمنگ اُٿڻ، ساک ڏيڻ.

**هدايت** = ماستر شاگردن کي وَڻ نه ڪَٽڻ جي اَهميت سمجهائيندو.


**مشغولي** - ماستر ۽ مائٽن جي مدد سان شاگرد گهر مان ''وڻ مها اُتسو'' بابت ڏهه جملا لکي اچڻ لاءِ اُستاد کين هدايت ڪندو.


## پورڪ اَڀياس


**(۱) جوڙا ملايو**

| | |
|---|---|
| ۱) پکي | ۱) دوائون ٺاهڻ جي ڪم اَچن ٿا |
| ۲) وڻن جي چانو | ۲) باهه ۾ کهاڙي |
| ۳) ٻيلن جا دشمن | ۳) منزيون لاٿيون |
| ۴) پور ۽ گُل ۽ پن | ۴) واٽهڙن کي گرميءَ کان بچائن ٿا |

**(۲) مثال ڏسي هيٺيان گول پريو:-**



**(٣) خاص ڄاڻ**

**(الف) وڻ ڇا ڇا ٿا ڪن؟**

(١) وڻ هوا مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ڪن ٿا.

هڪ سال ۾ هڪ ايڪڙ زمين جا وڻ اوتري ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ! جذب ڪن ٿا جيڪا ڪنهن موٽرڪار ٢٦٠٠٠ ميل هلڻ، اوترو اَنداز هوا ۾ ڇڏيو آهي.

(٢) وڻ پاڻيءَ کي محفوظ رکن ٿا.

(٣) وڻ علحدن ماڻهن جي گروهن کي هڪ ٻئي سان گڏ ڪم ڪرڻ جي پاونا کي وڌائين ٿا.

(۴) وڻ ڏيڻ جو گڻ سيکارين ٿا.

**(ب) ٻيلن کي وڌائڻ جي وڻيان کي سلوي ڪلچر (silvi culture) چئبو آهي.**

**(ث) باغ جي سئر تي ڏهه جملا لکو:-**

---

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

**١. هيٺين جملن ۾ لفظن جو سلسلو برابر رکي جملا وري لکو.**

١) اِنقلابي ميٽنگ جي سڏائي ٽوليءَ يڪدم ويئي.


٢) قرندل اَچن آسمان چنڊ گرم سج پڻ ۽ ٿا نظر.

٣) جو سائنس آهي اَڄ زمانو.

۴) ڏندن مونکي سور ۾ هو.

۵) اَسان ۾ جو ڳوٺ جو ڪِرياني هو دُڪان.

**٢. ماستر شاگردن کي هيٺين آمدرفت جي نشانين ۽ نيمن بابت گفتگو ڪرائي ڄاڻ ڏيندو.**



ماٺ ۾ پڙهو:-

# ڀڳت

''ڀڳت'' سِنڌي سنسڪرتيءَ جو هڪ اَنوکو قسم آهي. سنڌي لوڪ ڪٿا لوڪ نرتيه ۽ لوڪ سنگيت جو اَنوکو ميلاپ يا سنگم آهي. گهڻو ڪري رات جو ڀڳت ڪئي ويندي آهي. پرڀات ويلي ڀڳت مان وڏيڪ آنند ايندو آهي.

ڀڳت وجهندڙ ڪلاڪار کي ''ڀڳُت'' چئبو آهي. جيڪو نه صِرف گوبند جا گُڻ ڳائيندو آهي پر ديو ديوتائن کي به ياد ڪندو ۽ ڪرائيندو آهي. سنڌي لوڪ ڪٿا، لوڪ نرتيه ۽ لوڪ گيت جي بهترين ۽ سپيتڪ جهلڪ پسائيندو آهي.

ڀڳت ساز ۽ آواز جو سنگم آهي. هارمونيم، ڏُڪڙ ۽ ڍولڪ ڀڳت جا مکيه ساز آهن. ڍولڪي ڪڏهن هٿن ۾ گُهنگهرو ٻڌي به ڍولڪ هلائيندو آهي ۽ ڍولڪ جي آواز سان ڀڳتن جي پيرن ۾ پيل گهنگهرُن جيئان ساز ۽ آواز کي تال ڏيندو آهي.

ڀڳت ۾ مکيه ڀڳت کي 'مُهرو سڏيو ويندو آهي ۽ هنجي ساٿين کي ٻولڙيا يعنيٖ سُرَ مِلائيندڙ به سڏبو آهي. اُهي سڀ پهرين ساز ۽ سازيندڙن اَڳيان نِمندا آهن ۽ اِشٽ ديو جي اِستوتي ڪندا آهن. ڀڳت جي دوران مکيه ڀڳُت ڳائيندو، نچندو ۽ وچ وچ ۾ لوڪ ڪهاڻي ٻُڌائيندو آهي.

سنڌي ڀڳت، ڀارت جي مشهور نرتيه ڪٿڪليءَ سان مِلي جَهلي ٿي.

رڳو فرق اِن ڳالهه جو آهي ته ڪٿڪليءَ ۾ ناچ سامهون ۽ گيت پردي جي پٺيان هوندو آهي. ڀڳت ۾ ناچ، گيت ۽ آکاڻي ٽيئي ڏسندڙن جي سامهون هوندا آهن.

ڀڳت لاءِ خاص پوشاڪ جيئن ته چير، جامو، پڳڙي ۽ ڪنڌلي ضروري هوندا آهن.

ڀڳت ۾ نِج سنڌي تال جُهمت هلندو آهي. جُهمت تال جي ٻُلند آواز تي ڀڳتن جا پير ۽ جسم جهومندا آهن.

سنڌي ڀڳت جي پرمپرا ڪافي جهوني آهي. سائين ستَرامداس، سنڌي ڀڳت کي قبوليت ڏني آهي. ڀڳت ڪنوررام، ڀڳتن جو شِرومڻي سڏجي ٿو.

پروفيسر رام پنجواڻي به بهترين نموني ڀڳت پيش ڪئي آهي.

اَهڙيءَ ريت ڏسبو ته ڀڳت مان وندر، ڀڳتي ۽ خوشي حاصل ٿئي ٿي.



ڏسو: جاچيو ۽ ٻڌايو:

رانديون

ڏياري



هدايت:- ۱) ماستر شاگردن کي چٽر ڏيکاري اُنهن بابت گفتگو ڪرائيندو ۽ جاڻ ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.

۲) ڏيکاريل ڏڻ ۽ راندين بابت گهر مان پاڻ لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

# اَچو تہ سِکون

**پڙهو ۽ لکو:-**


**ماستر شاگردن کي هيٺين بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏيندو.**

## ٢. گهر (House)




| | | |
|---|---|---|
| ڀت (wall) | دروازو (Door) | دري (window) |
| پردو (curtain) | ڪٻٽ (cupboard) | پلنگ (bed) |
| چادر (bedsheet) | وهاڻو (pillow) | سَوڙ/ مڳہ (blanket) |
| ڪُرسي (chair ) | ٽيبل (table ) | پيٽي (Trunk) |
| تصوير (painting) | ڇپر (roof ) | بتي (Light ) |

## ١. رڌڻو (Kitchen)



| | | |
|---|---|---|
| باسڻ (utensils) | چمچو (spoon) | ٿالهي (plate) |
| تختو (shelf) | بالٽي (bucket ) | ٻهاري (broom) |
| ڪچري جو ڊبو (dustbin) | ڪٽورو (bowl) | ڇُري (knife) |
| بوتل (bottle ) | ڌوئڻ (wash) | سِجائڻ (cook) |
| ترڻ (Fry) | پيسڻ (grind) | پچائڻ (roast) |
| اُٻارڻ (boil) | باهہ (fire) | |

## ٣. اَن / کاڌو (Food)



| | | |
|---|---|---|
| ڏُڌ (butter - milk) | ڀاڄيون (Vegetables) | ڦل (Fruits) |
| ڊبل روٽي (bread) | اَناج (food-grains) | بيدو (egg) |
| مڇي (fish) | چانور (rice) | گيهہ (Ghee) |
| ڦلڪو (chapatti) | بسڪوٽ (biscuit) | مٺائي (sweets) |
| تيل (oil) | کنڊ (sugar) | لوڻ (salt) |
| چانهہ (tea) | مکڻ (butter) | ڪيڪ (cake) |
| مرغي (chicken) | اَٽو (flour) | ڏهي (curd) |
| ٿوم (garlic) | اَدرڪ (ginger) | ڪافي (coffee) |
| ڪٽاڻ / آچار (pickle) | مرچ (chilli) | رات جي ماني (dinner) |
| ڏينهن ماني/روٽي (lunch) | نيرن (Breakfast) | اُڃايل (Thirsty) |
| بکايل (hungry). | | |



مھاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و
اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

सिंधी (अरे.) सिंधुभारती इयत्ता ७ वी

₹ 27.00